SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 2001
# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 2001
# سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH WILDLIFE PROTECTION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 14 جي ترميم
Amendment of section 14 of Sindh Ordinance V of 1972

3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Sindh Ordinance V of 1972

4. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 17 جي ترميم
Amendment of section 17 of Sindh Ordinance V of 1972

5. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 33 جي ترميم
Amendment of section 33 of Sindh Ordinance V of 1972

# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 2001
# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 2001
# سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH WILDLIFE PROTECTION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[20 جنوري 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

commencement

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 14 جي ترميم
Amendment of section 14 of Sindh Ordinance V of 1972

2. سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس 1972 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ٻہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (3) جي شرطيہ بيان ۾، آخر ۾ اينڊزفل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون نئون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ وڌيڪ تہ حڪومت هڪ زمين جي سطح هيٺ پائيپ لائين وڇائڻ لاءِ بااختيار ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن ڏماڪي ڪانسواءِ تعميراتي طريقا استعمال ڪيا وڃن، جيڪي مستقل بنيادن تي جهنگلي جيوت يا ماحول کي متاثر نہ ڪن، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جنهن ۾ ترقي، تحفظ ۽ جهنگلي جيوت جي علائقي کي محفوظ ٻڻائڻ، اچي وڃن ٿا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي."

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Sindh Ordinance V of 1972

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (4) جي شرطيہ بيان ۾، آخر ۾ اينڊزفل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون نئون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ وڌيڪ تہ حڪومت زمين جي سطح هيٺ پائيپ لائين وڇائڻ لاءِ بااختيار ٻڻائي سگهي ٿي، جيڪڏهن ڏماڪو ڪرڻ ڪانسواءِ تعيمراتي طريقا استعمال ڪيا وڃن، جيڪي مستقل بنيادن تي جهنگلي جيوت يا ماحول کي متاثر نہ ڪن، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جنهن ۾ ترقي، تحفظ ۽ نيشنل پارڪ جو تحفظ اچي وڃن ٿا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي."

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ

4. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 17 ۾، لفظن "هڪ هزار" ۽ "پنج سئو" لاءِ لفظن "ڏهہ هزار" ۽ "پنج هزار" کي متبادل

بڻايو ويندو.

17 جي ترميم
Amendment of section 17 of Sindh Ordinance V of 1972

5.ڇاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 33 ۾، لفظن "هڪ هزار ۽ پنج سئو" لاءِ لفظن "پنجدرهہ هزار" کي متبادل بڻايو ويندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 33 جي ترميم
Amendment of section 33 of Sindh Ordinance V of 1972

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**